# سنڌ آرڊيننس XXI مجريہ 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXI OF 2001
# سنڌ سرڪاري ملازمين (ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ XIV مجريہ 1973 دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act XIV of 1973

# سنڌ آرڊيننس XXI مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXI OF 2001
# سنڌ سرڪاري ملازمين (ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[26 جون 2001]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن ڪي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

۽ جيئن تہ 14 آڪٽوبر واري اعلان 1999 ۽ 1999 تي جاري ڪيل پرووزنل ڪانسٽيٽوشن آرڊر نمبر 1 جي تحت صوبائي اسيمبلي معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ فوري قدم کڻڻ ضروري آهي.

هاڻي تنهنڪري مٿين ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽوشن آرڊر سان گڏ پڙهو، 1999 جي پرووزنل ڪانسٽيٽوشن (ترميم) آرڊر نمبر9 ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون ڄاڻايل آرڊيننس ناهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ XIV مجريه 1973 دفعه 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act XIV of 1973

2. سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ دفعه 5 ۾ شرطيه بيان ۾ الفاظ ”اهڙين مقررين ۾ هڪ سيڪڙو“ جي جاءِ تي ”15 گريڊ ۽ هيٺين پوسٽن جي مقررين جو ٻه سيڪڙو“ جو متبادل سمجهيو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**